# خريف ۾ ٿيندڙ ڀاڄين جي پوک جو طريقو

# ٽماٽن جي پوک





Islamic Relief Pakistan
CAAFSS-Information Hub Thatta



# ٽماٽا (Tomato)

پوکيءَ جو وقت: ٻيجارو جون کان جولاءِ يا آگسٽ ۾ پوکجي. رونبو آگسٽ کان سيپٽمبر تائين ڪجي.

پوکيءَ جو طريقو: 6 کان 8 فوٽن جي ويڪرن قطارن ۾ هڪ کان ٻن فوٽن جي مفاصلي تي ٻيجارو هجي ته ٻيجارو نه ته ٻج جا ٻه ٽي داڻا هڻي وڃجن.

پاڻي: هٽ واري ڦوهاري سان هڪ نه ٻئي ڏينهن ضرورت مطابق ٿڌ واري وقت ۾ ڪبو رهجي.

پاڻي جو طريقو : 8 کان 12 دفعا

لابارو: آڪٽوبر کان مئي

پيداوار في ايڪڙ: 200 کان 250 مڻ

ڀاڻ: في ايڪڙ ٻه ٽرڪون

ڪيميائي ڀاڻ: يوريا 2 کان 3 ٻوريون
ڊي اي پي 1 کان 2 ٻوريون
پوٽاش 1 ٻوري

جنسون: روما
پي لانگ
ٽي 10
زيتوني





ٽماٽو هونئن ته هڪ عام ۽ سبزين ۾ استعمال ٿيندڙ ميوو آهي. هڪ اهڙو ميوو جيڪو اسان روزانو ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان کائون ٿا. ٽماٽو پاڪستان ۾ هڪ اهم ۽ منافعي بخش فصل آهي. ويجهڙ ۾ ٽنل ذريعي ٿيندڙ پوک ۾ ٽماٽي جي پوک ۾ ڪافي اضافو ٿيو آهي. جنهن جو سبب وڏيڪ پيداوار ۽ فصل جو جلد تيار ٿيڻ آهي. ٽماٽي کي روايتي طريقي سان گڏ بانبرد قسم جي ٽنل ۽ ٻني ٻنهي ۾ پوکيو وڃي ٿو.

زرعي ماهرن جو چوڻ آهي ته آبادگار ٽماٽو پنيريءَ ذريعي ئي پوکين. ٽماٽي جي پوک لاءِ روما، نگينه ۽ پاڪٽ کي منظور ٿيل قسم قرار ڏنو ويو آهي. جڏهن ته اهي منظور ٿيل قسم پوکڻ سان فصل سٺو ۽ بهتر ٿئي ٿو ۽ پيداواري ۾ اضافو ٿيندو آهي. زرعي ماهرن موجب ٽماٽي جي پهرئين فصل لاءِ پنيريءَ جي پوک 31 جولاءِ تائين مڪمل ڪري سگهجي ٿي.



گرميءَ جي موسم ۾ اٺ کان 10 ڏينهن جي وقفي سان پاڻي ڏنو وڃي. ڪمزور زمين ۾ اهو وقفو چار کان پنج ڏينهن




ٻه رکي سگهجي ٿو. ٽماٽن جو فصل گهر ۾ پوکي سگهجي ٿو. گهريلو پوک انسان کي ٻه اهم فائدا ڏئي ٿي. هڪ ته گهٽ خرچ ۾ قيمتي سبزي ملي وڃي ٿي، ٻيو اهي فارمي سبزين کان وڌيڪ غذائيت رکي ٿي. انهن ئي فائدن کي نظر ۾ رکي گهر ۾ ٽماٽا پوکيا وڃن. گهر ۾ ٽماٽا پوکڻ لاءِ وچولي موسم گهربل هوندي آهي. جيڪڏهن گرمي پد 32 سينٽي گريڊ کان وڌيڪ يا 10 سينٽي گريڊ کان گهٽ هجي ته ٽماٽي جو فصل صحيح نموني وڌي ويجهي نٿو سگهي. خاص ڪري ڏنڊ يا پارو ان کي تباهه ڪري ڇڏيندو آهي. ڏنڊ کان بچائڻ لازمي آهي. گرمي پد وڌيڪ هجي ته ان جو نوڙ اهو آهي ته ٻوٽي کي پاٽي وڌيڪ ڏنو وڃي. جڏهن ته ٻوٽي کي وڌيڪ نميءَ کان به بچايو وڃي. نمي ان کي مرضن ۾ وڪوڙي ڇڏيندي آهي. ياد رهي ته وڌندڙ ويجهندڙ ٻوٽي کي روزانو گهٽ ۾ گهٽ ڇهه ڪلاڪ



اُس جي ضرورت هوندي آهي. ٽماٽي جا 7500 کان وڌيڪ قسم موجود آهن، جن جا ٻه وڏا گروهه آهن: غير معين (





Indeterminate) ۽ محدود ( Determinate).

غير معين قسم جو ٻوٽو تيار ٿيڻ کانپوءِ مسلسل ميوو ڏيندو رهندو آهي جيستائين کا بيماري يا ڪهر ٻوٽي کي ماري نه ڇڏي. جڏهن ته محدود قسم جو ٻوٽو صرف هڪ دفعو ميوو ڏيندو آهي ۽ پوءِ مري ويندو آهي. اوهان پنهنجي پسند جي اقسم جي چونڊ ڪري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن نوان آبادگار آهيو ته پوءِ بهتر آهي ته تجرباتي طور شروع ۾ هڪ ٻه ٻوٽا لڳايو. ايئن اوهان گهريلو طور پر بهتر آباگار بڻجي سگهو ٿا.

## وڏي پئماني تي ٽماٽي جي پوک:

ٽماٽو پاڪستان ۾ انتهائي مقبول سبزيءَ جي حيثيت رکي ٿو. ان جو گهڻو ڪري استعمال کاڌو ناهڻ ۾ ٿئي ٿو. ان کان علاوه ٽامٽي جو اهم استعمال ڪيچپ طور به ٿيندو آهي. ان ڪري پاڪستان ۾ ٽماٽي جي پوک آبادگارن لاءِ انتهائي منافعي بخش ٿي سگهي ٿي. ان ڪري



ضروري آهي ته ٽامٽي جي پوک جديد پيداواري طريقي سان ڪئي وڃي. هيٺ زرعي ماهرن جي تجويزن تي ٻڌل پيداواري



تيڪنالاجي ڏجي ٿي.

**زمين جي چونڊ:**

ٽماٽي جي پوک لاءِ پاڻيءَ جي بتر نيڪال واري زرخيز زمين جي چونڊ ڪئي وڃي.

**پوک جو وقت:**

پنجاب: جولاءِ کان سيپٽمبر

سنڌ: جولاءِ کان آڪٽوبر

بلوچستان: سيپٽمبر، آڪٽوبر يا اپريل

خيبر پختون خواه: جون کان آگسٽ

**پيجاري جي تياري:**

زمين تي هڪ فوٽ مٿي، چار فٽ ويڪريون ۽ ڇهه فوٽ ڊگهيون ٻاريون ٺاهيو ۽ ويڪر واري پاسي کان اڌ انچ اونهيون لائينون ٺاهيو جن جو وچ وارو فاصلو گهٽ ۾ گهٽ 2 انچ ٿائين هجي. ان لاءِ ڏيڍ انچ قطر جو سريو يا لٺ به استعمال ڪري سگهجي ٿي. ان کانپوءِ ٻج انهن لائينن جي وچ ۾ اهڙي نموني ڇٽيو جو ٻج هڪٻئي جي







مٿان نه چڙهن. پوءِ ٻجن کي مٽيءَ سان ڍڪي ڇڏيو ۽ مناسب مقدار ۾ پاڻي ڏيو.

**پيجاري جي منتقلي:**

تيار ٿيل پيجاري کي منتقل ڪرڻ کان 2 ڏينهن اڳ پيجاري ۾ پاڻي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو ته جيئن ٻوٽا سخت ٿي وڃن ۽ پوءِ منتقليءَ کان لڳ ڀڳ 1 يا 3 ڪلاڪ اڳ پاڻي ڏيو ته جيئن ٻوٽن کي آسانيءَ سان اُکيڙي سگهجي.

**ٻج جي شرح:**

80 کان 60 گرام في ايڪڙ

ٻوٽن جو تعداد: 10,000 کان 8,000 في ايڪڙ

**پوک جو طريقو:**



ٻه طرفي پوڪائيءَ جي صورت ۾ فٽ جي پٽڙي 5 فٽ کان 4.5. ٻوٽن جي وچ ۾ فاصلو: 1.5 فٽ.

**ڀاڻ جو استعمال:**

ٻوري پوٽاش +2، ٻوري يوريا 1\2+، ٻوري ڊي اي پي 2، ٻج پوکڻ

وقت اڌ ٻوري يوريا. پهريون ڀاڻ هفتي ڪانپوءِ 3 کان 4، هڪ نائٽرو فاس، ٻئي ڀاڻ جي هفتي بعد 3 کان 4.

ٻيجاري جي منتقليءَ دوران پاڙن کي ڪنهن ڪمرشل ۽ اعتماد جوڳي بائيو فرٽيلائيزر جي محلول ۾ 20 منٽن لاءِ ٻوڙي رکڻ بعد ٻنيءَ ۾ لڳائڻ فائديمند ٿي سگهي ٿو.

**بائيو فرٽيلائيزر جو استعمال:**

فصل ۽ زمين جي ضرورت مطابق مائيڪرو نيوٽرينٽ واري ڀاڻ جو استعمال ڪرڻ ضروري آهي.

ٻين مائيڪرو نيوٽرينٽ ڀاڻن جو استعمال.

**پاڻي:**

ٻيجارو کيت ۾ منتقل ڪرڻ وقت پاڻي ڏيڻ ضروري آهي ۽ ان ڪانپوءِ هفتي وار پاڻي ڏيو. موسمي صورتحال ۽ فصل جي ضرورت مطابق پاڻيءَ جي مقدار ۽ وقفي ۾ تبديلي آڻي سگهجي ٿي.

## گهر ۾ ٽماٽا پوکڻ جو طريقو:

سڀ کان پهرين هڪ ڪونڊي، ڏٻو، ٿانو، ڪريٽ، بالٽي وغيره جي چونڊ ڪريو، جنهن ۾ ٻوٽا پوکڻا هجن. ان کي گهٽ ۾ گهٽ 8 انچ





اونهون هئڻ گهرجي. جڏهن ته 16 انچ اونهائي وڌيڪ بهتر رهندي. ماهرن موجب ٽماٽي جا ٻوٽا پلاسٽڪ جي ڪنهن ڏٻي يا ٿانو ۾ لڳائڻ گهرجن. ان جو سبب اهو آهي ته اهڙو ٿانو ڪونڊيءَ جي نسبت جلد نمي نٿو چوسي ۽ خشڪ ٿيڻ ۾ دير لڳائي ٿو. جيئن ته ٽماٽي جو ٻوٽو پاڻي پسند ڪري ٿو ان ڪري اهو ان ۾ پلجي ٿو. ٻيو ته پلاسٽڪ جا ننڍا ٿانو عام طور ڪونڊين جي نسبت سستا پون ٿا. ان ڪانپوءِ ڏٻي يا ٿانو جي تر ۾ ننڍا ننڍا ڇهه ست سوراخ ڪري ڇڏيو ته جيئن مٽيءَ ۾ پاڻي بيهي نه سگهي. گڏ ٿيل پاڻي ٻوٽن کي ساڙي ماري ڇڏيندو آهي. پر سوارخ ايترا وڏا نه هجن جو سڄو پاڻي مٽيءَ ۾ جذب ٿيڻ کان بغير



نڪري وڃي. ڏيو ڀاڻ مليل مٽيءَ سان پوري ڇڏيو. ٻوٽو پوکڻ واري مٽي هر نرسريءَ مان ملي ويندي آهي. ڏٻي ۾ باغ يا زمين جي مٽي نه وجهو، ڇو ته ان ۾ ايتري غذائيت ناهي هوندي ته ٻوٽو پلجي سگهي. اهو ڪم مڪمل ٿي وڃي ته پوءِ ٻج پوکڻ جو مرحلو اچي ٿو. ٽماٽي جا من پسند ٻج نرسرين مان ملي ويندا آهن. سياري جي موسم ۾ خاص ڪري ٻجن مان ٻوٽا ڪيڻ جو اهو طريقو رائج آهي ته پهرين انهن کي ننڍين ڪونڊين ۾ پوکيو وڃي ته جيئن جڏهن سج نڪري ته انهن کي آسانيءَ سان اُس ۾ رکي سگهجي. نه ته اهو گرم ڪمري ۾ ئي پيل



هجي. جڏهن ٻوٽو نڪري اچي ۽ ٿورو وڏو ٿئي تہ پوءِ ان کي وڏي ڏٻي يا ڪونڊيءَ ۾ رکيو ويندو آهي. ٽماٽي جو ٻوٽو ڪافي سار سنڀال جو گهرجائو هوندو آهي. واڌ ويجهہ دوران ڪافي مقدار ۾ پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. پاڻي ڏيڻ جو وقت ڄاڻڻ جو آسان طريقو اهو آهي تہ ڏٻي يا ڪونڊيءَ ۾ آڱر وجهو. جيڪڏهن ٻہ انچن تائين مٽي خشڪ ملي تہ مطلب پاڻي ڏيڻ جي ضرورت آهي. ٻي اهم ڳالهہ اها تہ وڌندڙ ٻوٽي کي سهاري جي ضرورت هوندي آهي. تنهن ڪري جڏهن ٻوٽو وڌڻ لڳي تہ ڏٻي ۾ بانس يا ڏنڊو لڳائي ڇڏيو ۽ ان سان ٻوٽيءَ کي ٻڌي ڇڏيو تہ جيئن اهو ڊگهو ٿي سگهي. بانس لڳائڻ وقت احتياط ڪريو تہ جيئن اهو ٻوٽي جي پاڙ کي نقصان نہ پهچائي. ٽماٽي جو ٻوٽو اٺ فٽ تائين ڊگهو ٿي سگهندو آهي. ٽين اهم ڳالهہ تہ وڌندڙ ٻوٽي کي ڪافي خوراڪ جي ضرورت هوندي آهي. تنهن ڪري بهتر آهي تہ هفتي ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ڏٻي ۾ مناسب ڀاڻ وجهو. ٻوٽو تيزيءَ سان وڌندو ويجهندو. وڌندڙ ٻوٽي جا جيڪي پن پيلا ٿي وڃن اُنهن کي ٽوڙي ڇڏيو.



گڏوگڏ مٿانهين ٽارين کي ڇڏي هيٺ نڪرندڙ ٽارين کي ٻہ ڪٽي ڇڏيو. ٻوٽي جي ٿُڙ کي وڌيڪ



غذائيت ملي ٿي ۽ اهو جلد وڏو ٿيندو آهي. ٽماٽي جي قسم جي حساب سان ٻوٽو ٽن کان پنجن مهينن ۾ ميوو ڏيڻ شروع ڪندو آهي. جيئن تہ ٻوٽي ۾ پولينيشن ذريعي ميوا ٿين ٿا، تنهن ڪري بهتر آهي تہ گل نڪرڻ ڪانپوءِ ٿي چار پيرو ڏٻي يا ڪونڊي کي هلڪي زور سان لوڏيو تہ جيئن گلن جا نر ۽ مادي حصا ملي وڃن. گل نڪرڻ ڪانپوءِ ٻوٽي کي پاڻي ڏيڻ گهٽائي ڇڏيو. ڪجهہ ماهرن جو چوڻ آهي تہ هڪ هفتي تائين صرف صبح جو ڪ گلاس پاڻي ڏيو. جڏهن گل يا ميوا ظاهر ٿين تہ موسم جي لحاظ سان پاڻي ڏيو. پنجاب ۽ سنڌ ۾ اپريل، مئي ۽ سيپٽمبر ۾ ٽماٽي جو فصل پوکي سگهجي ٿو.



## ٽماٽي جا فائدا:

يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا جي تحقيق مطابق ٽماٽو ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ انتهائي فائديمند آهي. ٽماٽيو اينٽي اڪسيڊينٽ ٻہ آهي، جيڪڏهن الله نہ ڪري ڪنهن جو ايڪسيڊنٽ ٿي وڃي تہ ان کي ٽماٽي جو جوس ڏنو وڃي تہ مريض جلد صحتياب ٿي ويندو. ان ڪري جو ان ۾ وٽامن اي ۽ وٽامن سي جو گهڻو مقدار موجود آهي. رت ۾ موجود فريڊيڪلز کي نيوٽرلائز ڪري ٿو. ٽماٽي ۾ هڪ خاص قسم جي قدرتي معدن ڪروميم بہ موجود آهي، جيڪا شوگر جي مريضن لاءِ فائديمند آهي. ٽماٽي ۾ موجود وٽامن اي نظر کي بهتر رکي ٿو. وٽامن بي بلڊپريشر ۽ ڪوليسٽرول جي سطح کي گهٽ رکڻ ۾ نهايت فائديمند آهي، ان

ڪري فالج، دل جي دوري ۽ ٻين **خطرناڪ** بيمارين کان بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ٽماٽو اوهان جي چمڙيءَ جي بہ حفاظت ڪري سگهي ٿو، ان ۾ موجود لائيسوپين نالي مادو چمڙيءَ جي بهترين حفاظت ڪري ٿو. ان لاءِ اوهان ايئن بہ ڪري سگهو ٿا تہ ڏھ ٻارنهن ٽماٽن جون ڪلون لاهي چهري تي لڳايو، اهو عمل ڏھ پندرهن منٽن تائين جاري رکو، ان ڪانپوءِ چهري کي تازي پاڻيءَ سان ڌوئي ڇڏيو، اوهان ڏسندا تہ اوهان جو چهرو تازو توانو ۽ نکريل ٿي ويندو. ٽماٽو وارن کي اڇو ٿيڻ کان روڪڻ ۽ ڏندن ۽ هڏين لاءِ بہ فائديمند آهي.

## ٽماٽي جي فصل کي لڳندڙ بيماريون، علامتون ۽ تدارڪ:



ٽماٽي جي منافعي بخش پيداوار لاء صحيح زرعي طريقيڪار ۽ ڪيڙن ۽ بيمارين بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ڪجھ بيمارين بابت هيٺ تفصيل ڏجن ٿا:

**مرجهائو:** هيءَ بيماري گهڻو ڪري ٽماٽي تي ئي حملو ڪندو آهي. هيءَ بيماري حالتون سازگار ٿيڻ وقت فصل تي ڪنهن بہ وقت حملو ڪري سگهي ٿي. سڀ کان پهرين هيٺيان پن مرجهائڻ لڳندا آهن، پوءِ نوان پن بہ سُڪڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ آخر ۾ سمورا ٻوٽا مرجهائجي سُڪي ويندا آهن. بيماريءَ جي حالت ۾ ننڍا ٻوٽا بيماريءَ



جو حملو برداشت نٿا ڪري سگهن ۽ آهستي آهستي ڪمزور ٿي مري وڃن ٿا، ڇو تہ ان بيماريءَ جو حملو ٻوٽن جي پاڙ تي ٿئي ٿو، جنهن سان اهي سڙي ڳري وڃن ٿيون.

**پاڇاٽو سيڪ:** هن بيماريءَ جو حملو پڻ ٽماٽي تي گهڻو ٿئي ٿو. هيءَ بيماري ڦڦوند جي هڪ قسم جي ڪري ٿئي ٿي. 15_20 سينٽي گريڊ گرمي پد ۽ هوا ۾ وڌيڪ نميءَ دوران هيءَ بيماري وبائيس شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. شروع ۾ پنن تي نمدار داغ ظاهر ٿيندا آهن، جيڪي جلد پيلاڻ مائل ٿي ويندا آهن ۽ سمورن ٻوٽن ۾ پکڙجي ويندا آهن. پوءِ اهي داغ پورا ۽ ڪاراڻ مائل ٿي ويندا آهن. بيماريءَ جي شديد حملي جي صورت ۾ ٻوٽا ڳري وڃن ٿا ۽ ٻنيءَ ۾ مخصوص ڌپ ٿي ويندي آهي. وڌيڪ حملي جي صورت ۾ گلن ۽ ميون تي بہ علامتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندیون آهن.

**ڏاڪٽو سيڪ:** هيءَ بيماري ٻين سائي مرچ، شملہ مرچ سان گڏ ٽماٽي جي فصل تي بہ حملي آور ٿئي ٿي. جيڪا ڦڦوند جي هڪ قسم ذريعي پکڙجي ٿي. ان لاءِ گرم موسم موزون هوندي آهي. هن بيماريءَ ۾ ٽُڙ جي ان حصي تي ڦڦوند جو حملو ٿئي ٿو، جيڪو زمين جي پيوست يا زمين کان ٿورو مٿي هوندو آهي. ان هنڌان ٽُڙ ڳرڻ لڳندو آهي ۽ گڏوگڏ ٻوٽن جا مٿيان حصا خشڪ ٿي ويندا آهن. **جيڪڏهن** ٽُڙ ان حملي کان بچڻ لاءِ مزاحمت ڪري ٿو تہ ڦڦوند ٽُڙ سان گڏ مٿي ۽ چوڌاري وڌڻ لڳي ٿي. ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ٻوٽن جي متاثر سطح تي اڇاڻ مائل سيليئم جو هڪ تھ ۽ ڪاري رنگ جا داڻا نظر اچڻ لڳن ٿا. جيڪي شروع ۾ اڇا، پوءِ ڳاڙها يا سنهري پورا ٿي وڃن ٿا. آخرڪار اهي سرنهن جي ٻج جهڙا ٿي وڃن ٿا، ان ڪري ئي اڪثر ان ڦڦوند کي سرنهن جي ٻج واري ڦڦوند بہ چيو ويندو آهي.